SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر **II** مجريه **1970**

# SINDH ORDINANCE NO. II OF 1970

# اولهه پاڪستان غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970

# THE WEST PAKISTAN REQUISITIONING OF IMMOVEABLE PROPERTY (TEMPORARY POWERS) (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1970

## فهرست (Contents)

تمهيد
Preamble
1. مختصر عنوان
Short title
2. 1956ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ، VII جي سيڪشن 3 ۾ ترميم.
Amendment of section 3 of West Pakistan Act, VII of 1956

# سنڌ آرڊيننس نمبر **II** مجريه **1970**
# SINDH ORDINANCE NO. II OF 1970

# اولهه پاڪستان غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، **1970**
# THE WEST PAKISTAN REQUISITIONING OF IMMOVEABLE PROPERTY (TEMPORARY POWERS) (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1970

[6 آگسٽ، 1970]

تمهيد
Preamble

آرڊيننس جنهن جي ذريعي اولهه پاڪستان غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾ ترميم مقصود آهي.

جيئن ته اولهه پاڪستان غير متحرڪ ملڪيت (Immoveable Property) جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 کي سنڌ صوبي ۾ هيٺين ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي:

مختصر عنوان
Short title

هاڻي، تنهن ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل جي روشني ۾، ان ڪي عبوري آئيني حڪم (PCO) سان گڏ پڙهندي، مليل سمورن اختيارن تحت سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ (Promulgate) ڪرڻ فرمايو آهي:-

1956ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ، VII جي دفعا 3 ۾ ترميم.
Amendment of section 3 of West Pakistan Act, VII of 1956

1. هي آرڊيننس اولهه پاڪستان غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970 سڏيو ويندو.

2. اولهه پاڪستان غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (Immoveable Property Requisitioning) (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956، صوبي سنڌ ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ دفعه-3 (Section-3) ۾ ترميم:-

(i) ذيلي دفعا (Sub-Section) (1) ۾، لفظ ”مالڪ کي تجويز ڪيل عمل خلاف پنهنجو موقف بيان ڪرڻ ۽ پيش ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ کانپوءِ“ حذف ڪيا ويندا ۽ اهو باور ڪيو ويندو ته اهي لفظ پهرين جولاءِ 1970ع کان حذف ٿيا آهن، ۽

(ii) ذيلي دفعه (Sub-Section) (2) کانپوءِ، هيٺيان ذيلي دفعا (Sub-Sections) شامل ڪيا ويندا:-

”(2-a) ڪو به شخص ذيلي دفعه (Sub-Section) (1) جي تحت ڏنل حڪم کان متاثر هجي ته هو عمارت جي طلبي جي لاءِ حڪم جاري ڪندڙ اختياري کي حڪم تي نظرثاني (Review) لاءِ درخواست ڏئي سگهندو، ۽ اهڙي درخواست ملڻ بعد، اها اختياري، درخواست گذار کي ٻڌڻ ۽ درخواست سان لاڳاپيل شاهديون پيش ڪرڻ جو موقعو ڏيندي، جيئن حڪم جي تصديق، نظرثاني يا منسوخي ڪري سگهجي.“

(2-b) نظرثاني جي درخواست ذيلي دفعه (Sub-Section) (2-a) تحت ڏني ويندي:

(i) پهرين جولاءِ 1970 تي يا ان کانپوءِ ڪو حڪم جاري ٿيڻ جي صورت ۾، پر 6 آگسٽ 1970 کان اڳ ۾، 23 آگسٽ 1970 کانپوءِ جاري نه ٿيو هجي، ۽

(ii) ان صورت ۾ ته جڏهن 6 آگسٽ 1970 تي يا ان کانپوءِ، جاري ڪيل حڪم جي 14 ڏينهن جي اندر

درخواست ڏبي.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.